عبدالحنان گبول

# ڪجھہ اصطلاحن جي تشريح


***Abstract***

**Explanation of Some Terms**

The writer has expressed the difference of opinion on MYSTICISM and ‘tasavvuf’. According to him they are two different terms.

Similarly literary persons have termed Pantheism, meaning omnipresence, the quality of God. A Maulana, Alhaj Captain Wahid Bux Siyal wrote in his book “Wahdat-al-Wijud, Wahadat-ul-Shahud”, on page No. 215, that it is all against the Islamic philosophy. Different European authors have described ‘Mysticism’ in their own way but it is all different from Islamic philosophy.

Spain got under the influence of Islam. Thus Islamic philosophy enlightened Europe but it was only limited to Spain and other parts of Europe were fallen in the abyss of ignorance.

The Renaissance period in Europe was limited to materialism but devoid of spiritualism. It would have been brimmed, if they had thought and connected it with Islamic philosophy.

About the Prophet Muhammad (P.B.U.H.) it is said that Shah Latif had deep love for the Prophet Muhammad (P.B.U.H.). This could be seen from the verses of Shah Latif that how he had great love for the Prophet.(P.B.U.H.)

Thus it is Islam that gives real expression of ‘tasavvuf’ and ‘Sufism’.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ابتدا** ۾ ئي اهو عرض ڪندو هلان تہ ”تصوف“ ۽ ”Mysticism“ ٻہ الڳ الڳ لفظ آهن. هم معنيٰ لفظ نہ آهن. اسان وٽ اڪثر دانشورن انگريزي ٻوليءَ جي لفظ ”Mysticism“ جو ”تصوف“ ۽ ”تصوف“ جو ”Mysticism“ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو سراسر غلط آهي، ٻنهي ۾ تمام وڏو فرق آهي. اهڙي ريت انگريزيءَ جو لفظ ”Pantheism“ آهي جنهن کي اسان وٽ دانشورن لفظ ”وحدت الوجود“ سان سلهاڙيو

آهي، اهو به سراسر غلط آهي، ڇو ته جنهن مفهوم ۾ يورپ وارا "Pantheism"کي وٺن ٿا، اهو اسلامي نظريي ۾ بلڪل ڪُفر جيان آهي. مولانا الحاج ڪپتان واحد بخش سيال رباني پنهنجي ڪتاب "وحدت الوجود وحدت الشهود" جي صفحي نمبر 215 ۾ پروفيسر آربريءَ جو قول لکيو آهي، جنهن ۾ پروفيسر آربري چوي ٿو ته، "مختلف مذهبن جي روحاني تعليمات جي وچ ۾ مشابهت دوکو آهي، جنهن مان ڪو به اسڪالر بچي نه سگهيو.اسان کي گهرجي ته تاريخ تصوف مرتب ڪرڻ لاءِ اهڙن دوکن کان پاسو ڪريون، منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته ڪو به شخص تصوف جي اصل حقيقت جي باري ۾ بيان نه ڏيندو ۽ هن عرصي دؤران اسان کي تصوف جي تعليم جي اصل حقيقت جي باري ۾ مڪمل مواد جمع ڪرڻ گهرجي ۽ اسان جو نظريو صرف ۽ صرف اسلامي هجڻ گهرجي، تصوف تي قلم کڻڻ اهڙن ماڻهن جو حق آهي جيڪي تصوف کي چڱي ريت سمجهي سگهن."(1)

تصوف جي باري ۾ گهڻن ئي حلقن ۾ اهو تاثر مليو ٿو ته، تصوف هندو، عيسائي ۽ يوناني فلسفي جي پيداوار آهي ۽ حيرت جهڙي ڳالهه آهي ته اسان وٽ انگريزي دان طبقي به ان ڳالهه کي تسليم ڪيو. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته "تصوف" جو لفظ اسلام جي ابتدائي دؤر ۾ نه ٿو ملي، جڏهن ته اسلام جي ابتدائي دؤر ۾ ته "علم تفسير" "علم حديث" ۽ "علم فقه" جهڙا لفظ به مروج نه هئا ته ڇا اِهي به غير اسلامي آهن؟

اصل ڳالهه اها آهي ته، جڏهن جهاد بسيف جو زمانو ختم ٿيو ته مسلمانن هن علم جي طرف توجه ڪيو ۽ جن قرآن مجيد جي معنيٰ ۽ مطلب تي ڪم ڪيو اُهي مفسرين جي نالي سان مشهور ٿيا، جن علم حديث تي ڪم ڪيو تن کي محدثين چيو وڃي ٿو، جن قانونِ اسلام تي ڪم ڪيو انهن کي فقها جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ جن بزرگن اسلام جي روحانيت يا روحاني پهلوءَ تي زور ڏنو انهن کي صوفياءَ يا اولياءَ سڏيو وڃي ٿو.

"وليم استوڊارڊ" پنهنجي ڪتاب "صوفي ازم" ۾ تسليم ڪيو ته تصوف روح اسلام ۽ جانِ شريعت آهي. پاڻ وڌيڪ لکي ٿو ته، "اسلام جي بغير تصوف جو وجود ناممڪن آهي. تصوف روح اسلام آهي. هر مذهب جي اندروني ۽ باطني حصي کي "Mysticism" چيو وڃي ٿو. تصوف کي اسلام کان جدا ڪرڻ ايئن آهي جيئن روح

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪي جسم کان ڌار ڪرڻ، تصوف روح آهي ۽ اسلام جان.“ وليم اسٽوڊارڊ وڏيڪ لکيو تہ، ”هن دؤر جي دانشورن جي هٿان جيترو نقصان تصوف کي پهتو ايترو شايد ئي ڪنهن ٻيءَ شيءَ کي پهتو هجي. اسلام کان سواءِ تصوف جو خيال بہ نٿو ڪري سگهجي.“(2)

هي آهن هڪ يورپين اسڪالر جا تصوف ۽ اسلام جي باري ۾ جذبات، ڪاش! اسان جي دانشورن تي بہ اهڙي حقيقت منڪشف ٿئي.

دراصل ”Mysticism“ هڪ عمومي لفظ آهي جيڪو هر ڪنهن مذهب جي روحاني پهلوءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. جڏهن تہ لفظ ”تصوف“ صرف ۽ صرف اسلام جي روحانيت سان لاڳاپيل آهي. جيئن تصوف سان لاڳاپيل اصطلاح مختلف آهن، تيئن عيسائي، يهودي، هندو ۽ ٻين مذهبن اندر موجود ”Mysticism“ وارن خيالن ۽ انهن سان لاڳاپيل روحانيت جا اصطلاح بہ مختلف آهن ۽ ٻولي بہ جدا آهي. تاريخ شاهد آهي تہ جڏهن يورپ ۾ جهالت ۽ بي دينيءَ جو دؤر هو ۽ يورپ هڪ بدترين اونداهيءَ واري دؤر ”Dark Ages“ مان گذري رهيو هو تہ مسلم اسپين جي طرفان عظيم الشان تهذيب ۽ تمدن، علم ۽ فن جون شعاعون يورپ ۾ داخل ٿيون تہ ماڻهن جون اکيون کلي ويون ۽ نئين سجاڳي يا ”Renaissance“ (نشاة ثانيہ) واري دؤر ۾ جڏهن اسلامي تهذيب ۽ تمدن قبول ڪرڻ جو مسئلو سامهون آيو تہ هڪ خيال آهي تہ اتي جي ماڻهن، جيڪي صدين کان وٺي پادرين جي ظلم ۽ ستم کان تنگ هئا ۽ مذهب جي نالي کان بہ بيزار هئا، انهن اسلامي تعليم ۽ تمدن جو صرف اهو حصو قبول ڪيو جنهن جو تعلق مادي ترقيءَ ۽ سائنس سان هو ۽ ان تعليم کي ڇڏي ڏنو جنهن جو تعلق روحانيت سان هو ۽ جڏهن هتان مذهبي تسلط ختم ٿيو تہ انهن خالص ماديت ”Materialism“ تي زور ڏنو ۽ هڪبئي جي رِيس ۾ اڳتي وڌندا ويا ۽ وڌندي وڌندي جڏهن انهن وٽ ايٽم بم تي ٿاپڙ ڪاڏي تہ پوءِ انهن کي هوش آيو تہ سائنس، ماديت ۽ لادينيت وغيره ۾ جيڪو انهن فرق ڪيو هو، اهو ئي سندن ٻچيءَ ۾ پئجي ويو ۽ هو مختلف نالن ۾ ٿيندڙ جنگين ۽ لڙاين ۾ تباهہ ۽ برباد ڪرڻ ۾ مشغول آهن. ان ڪري هڪ دور اهڙو بہ آيو جو ”ماديت“ ۽ ”لادينيت“ کان تنگ اچي يورپ، امريڪا، روس ۽ چين وغيره ۾ ماڻهو روحانيت جي تلاش ۾ بي چين ٿي ويا. اونداهي دؤر ”Dark Ages“ ۽ وچئين دؤر يعني قرونِ وسطيٰ ۾ يورپ وارن جنهن اسلامي روحاني تعليم کي پاسيرو ڪري ڇڏيو هو ۽ مادي تعليم ”Materialism“ کي قبول ڪيو هو، هاڻي مجبور ٿي روحاني تعليم جي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اُج محسوس ڪرڻ لڳا آهن ۽ صوفين جي تصنيفن کي پڙهڻ جو لاڙو وڌي رهيو آهي. اتي يونيورسٽين ۾ صوفي ازم جو مضمون متعارف ٿي رهيو آهي. ان سان گڏوگڏ تصوف سان سلهاڙيل زبان به عام ٿي رهي آهي. خود لفظ ”صوفي“ به متعارف ٿيو آهي.

ڊاڪٽر نڪلسن پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته، ”جيستائين روحاني تعليمات جو تعلق آهي ته مغرب وارا اجا تائين اسلام مان گهڻو ڪجھ پرائي سگهن ٿا.“

يورپ تي اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو اونداهي دؤر ”Dark Ages“ جي دؤران ڪيترو اثر رهيو ان جو اندازو لڳائڻ اجا باقي آهي. انهن جي باري ۾ ايترو ضرور چئي سگهجي ٿو ته هي اثر تمام گهڻو هو ۽ ناممڪن آهي ته اسلامي اثر، يورپ جي روحاني پيشوا ”ٿامس ايڪوئي ناس“ ۽ ”دانتي“ تائين نه پهتا هجن.“(3)

ڊاڪٽر نڪلسن جهڙي فاضل ۽ منصف مزاج اسڪالر جي هن اهم بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته اڄ تائين جن به تصوف تي بيروني اثر جو نظريو قائم ڪيو، اُهي سڀئي غلط آهن ۽ جن مسلمان دانشورن هن نظريي کي صحيح سمجهيو، انهن کي گهرجي ته هن نظريي تي وڌيڪ غور ڪن ۽ اصل حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن ۽ ان کي ان جي ئي اصطلاحن جي روشنيءَ ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪن. دراصل هر عارف کي حقائق الاهي بيان ڪرڻ لاءِ محدود انساني زبان جي صلاحيت جو استعمال ضرور ڪرڻو ٿو پوي جيڪو هن ايتري اهم موضوع لاءِ بلڪل ناڪافي آهي. حقائق الاهي کي انساني زبان سان بيان ڪرڻ ۾ تمام گهڻي مشڪل تي پيش اچي ٿي جڏهن اهي ڳالهيون بيان ڪندي اسان بي مثل کي مثل جي صورت ڏيون ٿا، ڪڏهن ذات جي لامحدوديت کي اسان سمنڊ چئون ٿا ته ڪڏهن نورِ ذات کي شمس ۽ آفتاب سان تشبيهه ڏيون ٿا، جنهن جي ڪري بي شمار غلطيون پيدا ٿين ٿيون پر جيڪڏهن عارف خاموش رهن ٿا ته عوام جي شڪايت هوندي آهي ته عارفين ۽ مقررين جو فرض آهي ته ذات ۽ صفات جي باري ۾ عوام الناس کي آگاهي ڏني وڃي. ان ڪري انهيءَ فلسفي کي سمجهڻ لاءِ نئين زبان تخليق ٿي آهي يا لفظن کي نيون معنائون مليون آهن، ڪن وري شاعريءَ کان به مدد ورتي آهي. تصوف ۽ صوفياڻي علم خاص طور تي شاعريءَ جو معاشري تي گهرو ۽ تمام فائديمند اثر پيو آهي. صوفياڻي شاعري بازاري ۽ بي حيائيءَ واري زبان جو استعمال گهڻي حد تائين گهٽائي ڇڏيو. مثال جي طور اسان شاهه جي رسالي کي ٿا وٺون اهو

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عاشقاڻي شاعريءَ سان ڀرپور آهي. رسالي جي ٻولي مٺي، گندگي ۽ آلودگيءَ کان پاڪ ۽ اعليٰ ترين ادبي معيار جو بهترين نمونو آهي ڇو ته تصوف جو مقصد اعليٰ ۽ ارفع هوندو آهي. شاهه جي رسالي ۾ اهڙا بيشمار لفظ آهن جن جي معنيٰ ۽ مفهوم کي بلند بڻايو ويو آهي نه ته هن کان اڳ معاشري ۾ اِهي ڪِريل لفظ ليکيا ويندا هئا. مثلاً:

**زلف /ڪاڪل:**

درد نه لهي وارئين زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪال ڏنوم رخساري تي روپ سين. (4)
(شاهواڻي، سُر سسئي آبري، 6)

ڪاڪ ڪني جا، ڪفن ته ڪين ٿئي،
منجهه شهادت سا، لڏي ۽ لاڏ ڪري.(5)
(شاهواڻي، سُر سسئي آبري، 6-6)

"ڪاڪل" جي لفظي معنيٰ آهي "وارن جي ڇُڳ" پر صوفين جي اصطلاح ۾ زلف يا ڪاڪل خدا جي جلال جي نشاني آهي. مجازي عشق جا شاعر زلف يا ڪاڪل کي ياد ڪري پنهنجي شاعريءَ جو حصو بڻائن ٿا ۽ عاشقاڻي حلقن مان خوب داد حاصل ڪن ٿا. جهڙي طرح دنياوي زندگيءَ ۾ عاشق، محبوب جا ڪاڪل يا زلف ڏسي بي حال ۽ بي چين ٿي ويندو آهي، اهڙي طرح حقيقي عاشق به خدا جو جلوو ۽ جمال جو نظارو ڏسي ان جي تڙپ ۽ سڪ ۾ بي آرام ٿيو وڃي. مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب ان ڪاڪل جي ڪنل الله پاڪ جي جلال ۽ جلوي جي طلب ۾ وصال ڪندڙن کي شهيد قرار ڏيئي ٿو.

**خماريل نيڻ:**

ڪٽي نيڻ خمار مان جڏهن ناز ڪيائون نظر،
سورج شاخون جهڪيون ڪُوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿئا ديڪيندي دلبر،
جهَڪو ٿئو جوهرجاني جي جمال سين.(6)
(شاهواڻي، سُر ڪنياٽ، 1-18)

شاهه صاحب جو محبوب ڪير آهي؟ اها ڪهڙي هستي آهي جنهن جي سونهن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ حُسن جي شاهه صاحب ايتري تعريف ڪئي آهي. شاهه صاحب جيڪي وصفون بيان ڪيون آهن انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته سندس محبوب منو مرسل حضرت محمدﷺ آهي. اڄ جي زماني ۾ ڪو عام ماڻهو اهو سوچي به نٿو سگهي ته لفظ "خماريل نيڻ" مجازي شاعريءَ جو حصو نه آهي پر شاهه صاحب وٽ اهڙي ڪا به مجبوري نه آهي. شاهه صاحب هن لفظ کي حقيقي عشق جي دائري ۾ آڻي ايڏو ته باادب بڻائي ڇڏيو جو شاهه صاحب هن علم جو امام نظر اچي ٿو.

**پلڪ/لمحو/جهلڪ:**

چوڏهين چنڊ اڀرين سهسين ڪرين سينگار،
پلڪ پرياں جي نه پڙين جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار تهڙو دم دوست جو.(7)
(شاهواڻي، سُر ڪنيات،1-11)

اڪثر مجازي عشق جا شاعر پنهنجي محبوب کي چنڊ سان تشبيهه ڏين ٿا پر شاهه صاحب مٿين بيت ۾ پنهنجي محبوب کي چنڊ سان تشبيهه نه ٿو ڏي جو ته شاهه صاحب حقيقي عشق جو شاعر آهي ان ڪري هو چوي ٿو ته چنڊ ابد تائين پنهنجي جلوي ۽ جمال سان چمڪندو رهي ته به محبوب مٺي مرسل جي هڪ پل جي تجلي جهڙو به ٿي نه سگهندو.

بظاهر لفظ "پلڪ" کي مجازي شاعريءَ مان نڪرڻ لاءِ ڪو به رستو نه آهي پر شاهه صاحب لفظ "پلڪ" کي هن علم جي ايڏي وڏي جاءِ تي وچي استعمال ڪيو جو عالم ۽ مفڪر، جيترو به غور ڪندا ويندا انهن لاءِ تحقيق جا رستا وڌ ۾ وڌ کلندا ويندا.

**نظر:**

ملهه مهانگو قطرو سڪڻ شهادت،
اسان عبادت نظر ناز پرين جا.(8)
(سُر ڪلياڻ، 2)

هن بيت جي معنيٰ آهي ته هڪڙي قطري يعني شرابِ محبت يا لذتِ ديدار جي ذرڙي جو ملهه، يعني قدر قيمت ڪرڻ ڪان مهانگو آهي پر ان جي لاءِ سِڪڻ، ان جي لاءِ پنهنجي اندر ۾ محبت پيدا ڪرڻ، سعادت يعنيٰ ڀلائي، نيڪ بختي ۽ خوش نصيبي آهي، اسان جي لاءِ پرينءَ جي نظر ۽ ان کي سڃاڻڻ، فڪر ڪرڻ ۽ ان ڏانهن توجهه ڪرڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ان سان تعلق رکڻ ۽ ناز يعني ان جي وڏائي سڃاڻڻ اسان جي لاءِ عبادت آهي.

بظاهر لفظ ”نظر“ مجازي شاعريءَ جو خاص لفظ آهي ۽ مجازي عشق جا شاعر هن لفظ کي خصوصي نگاهه سان ڏسندا آهن پر لفظ ”نظر“ جي اندر جيڪا نورانيت ۽ تجلي ڍڪيل هئي اُها شاهه سائين ظاهر ڪري نروار ڪيو ۽ هن لفظ کي هڪ خاص مقام سان نوازيائين جيڪو ڪنهن عام شاعر جي وس کان ٻاهر آهي.

### صورت/چهرو:

محراب پرينءَ جو جامع سڀ جهان،
اُڏامي اُت ويو، عقل ۽ عرفان،
سپوئي سبحان، ڪاڏي وڃي نيتيان. (9)
(سُر رامڪلي، 5)

شاهه سائين فرمائي ٿو ته، هن پوري جهان ۾ جيڏانهن به نظر ٿو ڪريان ان طرف مونکي منهنجو محبوب ڏسڻ ۾ ٿو اچي. جيئن ڪو نمازي مسجد ۾ جڏهن ويندو آهي ته ان کي سامهون مسجد جو محراب نظر ايندو آهي ۽ محراب هميشه ڪعبة الله جي طرف هوندو آهي ۽ نمازي ان طرف منهن ڪري نماز پڙهندا آهن پر مان ڪهڙي طرف منهن ڪري نماز کي نيتان جو هر طرف پرين ئي پرين آهي، ٻيو ڪجهه نه آهي. پاڻ فرمائين ٿا ته هيءَ اهڙي منزل آهي جتي عقل ۽ عرفان به اُڏامي وڃي ٿو. لفظ ”صورت“ هر ڪنهن دؤر ۾ مجازي شاعريءَ جو محبوب ترين لفظ مڃيو ويندو هو ۽ اڄ تائين مجازي عشق جا شاعر هن لفظ جي بدولت ڪيترن ئي هنڌن تان اعليٰ مرتبا حاصل ڪن ٿا پر شاهه صاحب پرينءَ جي صورت جي باري ۾ جيڪي چوي ٿو ان ۾ مسجد جي محراب سان تشبيهه ڏئي ٿو. انهيءَ ڳالهه مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه صاحب لفظ صورت کي جيڪا عزت ۽ مان بخشيو ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي. انهن مٿين لفظن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي لفظ مجازي معنيٰ ۾ ورتا ويندا هئا پر صوفيائي ادب ۾ انهن جو استعمال بلند ۽ بالا اخلاقي ۽ روحاني مفهوم ۾ ٿيڻ لڳو ۽ هاڻي اهڙا لفظ عام نه پر خاص ٿي پيا آهن ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسجن ٿا. تنهنڪري ان طريقي سان زبان کي پاڪيزگي عطا ٿي ۽ علم ۽ ادب ۾ هڪ انقلاب اچي ويو.

صوفين ادب ۽ زبان ۾ ڪيترن ئي لفظن جو خوشگوار اضافو به ڪيو آهي مثال طور: سالڪ، حال، قال جي لفظن جو عام استعمال ڪڏهن به ڪونه هوندو هو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

صوفياڻي شاعريءَ ۾ گفتگو ۾ اهي لفظ عام ٿي ويا ۽ زبان جي ذخيري ۾ اضافو ٿيو. صوفين شاعريءَ ۾ روحاني ۽ دلي ڪيفيت جو اهڙو ڀرپور، دلڪش ۽ وجد آور اضافو ڪيو جو ان ڪان اڳ ادب ۾ ٿيندو ئي ڪونه هو.

مٿيئن سموري بيان مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته، تصوف هڪ اسلامي اصطلاح آهي جنهن ڪي پنهنجو پس منظر آهي ۽ اهو اسلام جي روحاني پهلوءَ کي اجاگر ڪري ٿو. ان حوالي سان صوفين وٽ پنهنجا اصطلاح ۽ لفظ آهن جن کي هو خاص معنائن ۾ استعمال ڪن ٿا ۽ ڪڏهن ته عام مجازي معنيٰ رکندڙ لفظن کي خاص بنائي اعليٰ مقصد لاءِ استعمال ڪن ٿا.

## حوالا


1. سيال رباني، واحد بخش، مولانا الحاج ڪپتان، "وحدت الوجود، وحدت الشهود"، عتماد پرنٽرز، دربار مارڪيٽ، لاهور، 1988ع، ص: 215.
2. سيال رباني، واحد بخش، مولانا الحاج ڪپتان، "وحدت الوجود، وحدت الشهود"، عتماد پرنٽرز، دربار مارڪيٽ، لاهور، 1988ع، ص: 224.
3. سيال رباني، واحد بخش، مولانا الحاج ڪپتان، "وحدت الوجود، وحدت الشهود"، عتماد پرنٽرز، دربار مارڪيٽ، لاهور، 1988ع، ص: 219.
4. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، حيدرآباد، 1993ع، ص: 376.
5. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، حيدرآباد، 1993ع، ص: 377.
6. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، حيدرآباد، 1993ع، ص: 143.
7. شاهواڻي، غلام محمد، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، حيدرآباد، 1993ع، ص: 141.
8. دائود پوٽو، گوهر، عبدالغفار، "الف بي وار شاهه جو رسالو ۽ رسالي جي ڊڪشنري"، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، 1994ع، ص: 177.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair